SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.XXIX OF 1972

# سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 1972

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 8_A ۽ 8_B جي ترميم

Amendment of Section 8_A and 8_B of West Pakistan Ordinance XI of 1972

3. ميمبر جيڪي تمام اهم شخصيتون هونديون

Members to be V.I.Ps

4. سرڪٽ هائوس وغيره ۾ رهائش

Accommodation in Circuit house, etc

5. پنهنجي ضلعي جي ادارن جو دورو

Visit to Institutions in his own District

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.XXIX OF 1972

# سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ، جنهن ذريعي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪئي وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

جنهن ڪي هيٺين ريت جوڙيو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| commencement | (2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو. |
| 1972 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 8_A ۽ 8_B جي ترميم<br>Amendment of Section 8_A and 8_B of West Pakistan Ordinance XI of 1972 | 2. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ دفعہ 8 کانپوءِ هيٺيان دفعات شامل ڪيا ويندا، يعني: |
| ميمبر جيڪي تمام اهم شخصيتون هونديون<br>Members to be V.I.Ps | "8_A. ميمبر اهم شخصيتون هوندا ۽ انهن کي لاڳو قانونن ۽ صوبائي خواہ مرڪزي حڪومت جي هدايتن مطابق اهم شخصيتن جهڙيون مراعتون ملنديون. |
| سرڪٽ هائوس وغيره ۾ رهائش<br>Accommodation in Circuit house, etc | 8_B. ميمبر، لاڳاپيل اختياري کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ سان، بشرطيڪ رهائش جي گنجائش موجود هجي، سرڪاري يا مقامي اختياري طرفان هلندڙ سرڪٽ هائوس، ريسٽ هائوس يا ڊاڪ بنگلي ۾ مقرر ٿيل معاوضي تي رهڻ جو حقدار هوندو، يا جيئن بہ صورتحال هجي. |

| | |
|---|---|
| 8.C. ميمبر اڳواٽ اطلاع ڏئي پنهنجي ضلعي جي اسپتالن، تعليمي ادارن يا ٻين سرڪاري ادارن جو معائنو ڪري سگهي ٿو. انهيءَ معائني دوران هو ڪنهن ريسٽ هائوس يا ڊاڪ بنگلي ۾ رهائش اختيار ڪري سگهي ٿو. جيئن ته صورتحال هجي.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | پنهنجي ضلعي جي ادارن جو دورو<br>Visit to Institutions in his own District |